وطن پرستي



چا

جيئي سنڌ تحريڪ

سنڌي قوم

کي اکيلو ڪري

مارائڻ چاهي ٿي؟؟!

عبدالواحد آريسر

وطن پرستي جو ڏوه باسي جوان همٽ ۽ دهدبي سان
ٿياس ڏيجي و کون وڃن ٿيون وڻن ٿيون ڏاڍيون سي يار مونکي

نٿي کپي هي بيڪ ۽ بخشيل ڪفن ۽ وڻڪهل بهار مونکي
نٿون ڪوتساه ڏي ٿي جڪا انهيءَ خزان سان آ پيار مونکي

"آمي زمهني"

كتاب جو نالو : وطن پرستي

ڇپائيندڙ : پارڻ پبلڪيشن حيدرآباد سنڌ

ڇپجڻ جي تاريخ : ڊسمبر ۱۹۸۷ع

ڪاڀيتو : هڪ هزار

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

قيمت: -/8

پنهنجي پاران

جڏهن غلام قوموز آزادي جي لال ڪنوار ماڻڻ لاءِ پنهنجا پرچائي، رلال لهو جي ريت رچائي، پنهنجي منزل ڏانهن سفر ڪندا هون آهن. تڏهن سامراج پنهنجي دلالن جي ذريعي سياسي مونجهارا پيدا ڪندو آهي. ۽ نفسياتي حربا استعمال ڪندو آهي. هن وقت جڏهن سنڌي قوم ۾ احساس پيدا ٿيو آهي. ته اسان جي مٿا خاڪ هيت قائم آهي. اسان محڪوم آهيون. سنڌ جي زمين، ڪارخانا، بندرگاهه، تيل جا کوهه، گيس، ڪاٽيون، مطلب ته سنڌ جي مڪمل اقتصاديات تي ڌارين جو ڪنٽرول ۽ اسان جي تاريخ، ثقافت ۽ مڙئي هوڻ ۽ سان به هٿ چراند ڪئي پئي وڃي، سنڌ جي سياست، سنڌي عوام جي تقديرن جا فيصلا قلوپترا (اسلام آباد) ۾ ٿيڻ ڪري سنڌ جي غيرت مند عوام محسوس ڪيو آهي ته اسان سائيه ۾ هوندي سورن ۾ سڙون ٿا ۽ جي باقي به باهر ٿا ڪيون ته ڪافر، ملڪ دشمن سڏجون ٿا انهيءَ ڪري جو اسان غلام آهيون، ڪنهن چيو آهي ته "اي لوڪو مونکي مبارڪون ڏيو. اڄ مونکي پنهنجي

غلامي جو احساس ٿو آهي، ۽ يقينن اهو احساس آزاديءَ جي بشارت آهي".

ويتر لڇيارين جي لڇ لٽ ۽ پيٽ ڪاڻ ٻنهنجا ٻاڻ ڪسي سندن اکيان لاڻون لهندڙ گهوٽ ڪٽنا ويا جن جا هوگهڇ ڪائي رهيا ن هيون. ۽ اڄ سينگاريل سڄيون سيڄون ڏسي ماڻهه ڪري رهيون آهن. اهڙن شهيدن جي ريٽي رت انهيءَ احساس (حقيقت) کي وڌائي اهو وڻ ڪيو آهي، جنهن کي جلادن وحشين جا ڪات ڪهاڙا نه ڪپي سگهندا.

انهن سياسي مونجهارن کي سمجهڻ لاءِ ۽ نفسياتي حربن کي ختم ڪرڻ لاءِ اسان توهان ديش واسين تائين سڌ جي محب وطن اکوائڻ جو مواد پهچائڻ جو عزم ڪري هارڻ پبلڪيشن حيدرآباد قائم ڪئي آهي. جنهن ذريعي توهان تائين قومي مواد پهچائيندا رهنداسين.

هن ڪتاب ۾ ڇوٽهين دنيا جي مفڪر سائين عبدالوحد آريسر کان ۱۹۸۴ع ۾ ڪنهن ڪڇهريءَ ۾ سوال پڇيو ويو هو جنهن جي ڏيڊ ڪلاڪ جواب ۾ سائين هر نفسياتي حربي کي فيل ڪيو آهي ۽ هر سياسي مونجهاري کي سلجهايو آهي. اسان ڪيئن تان سندس جواب اتاري جيئن جو تيئن توهان آڏو پيش ڪيو ايئون.

آڏون ٻنهنجي هي نندڙي ڪوشش شهيد غلام رسول برهماڻي (مستانو) جي ناليءَ ٿو ڪريان. جنهن ڪنهن کي آزاديءَ جي قافلي سان بيحد عشق هو انهيءَ عشق جي راهه ۾ ڪالهه سن جي سهڻ جي ڪوٽ ۾ ريٽو رت ڏيئي آزاديءَ جي ٻوٽ جي آبياري ڪري ويو جابرن جي گولين جا گهاءُ ته سڀائين مگر ڪنهاڙي نه ڇڏيائين اسان شهيد جي غيرتمند خون جو قسم کڻي وچن ٿا ڪيون ته اسان سنڌي قوم کي متحد ڪري انهن جابرن جو ناپاڪ وجود هن مقدس ڌرتيءَ تان ختم ڪنداسين. سنڌس ڪنيل جهنڊو حيدرآباد جي قلعي تي جهولائهنداسين.

هن وقت به سنڌس گيت جو ٽل ٻنهنجي ڪنن ۾ گونجي رهيو آهي ته.

سائي آهي، سائي رهندي، سنڌ اسانجي سائي رهندي
قوم نه ڪائي ڏاري رهندي، سنڌ اسانجي سائي رهندي.

غلام حيدر ٻڌو
حيدرآباد
15 ڊسمبر 1987ع

سوال

سوال:- جيئي سنڌ تحريڪ پاڪستان لهول تي سياست نٿي ڪري ۽ سندس اهو عمل سنڌي قوم کي اڪيلو ڪري مارائڻ جي برابر آهي؟ انهي باري ۾ توهان جو ڪهڙو راءِ آهي؟

جواب:- اهو سوال سنڌ ۾ اهي ماڻهو اٿارين ٿا، جيڪي پاڪستان جي 36 سالن جي تاريخ ۾ ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ سنڌي ماڻهن کي سنڌي عوام کي سنڌي قوم کي پنجاب سان لاڳاپيل رکڻ. پين لفظن ۾ انهن چئجي ته سنڌي ماڻهن کي، سنڌي قوم کي چو ڪنبو پڌي پنجاب جي جهولي ۾ اڇلائڻ جا ذميوار پي رهيا آهن. جڏهن جيئي سنڌ تحريڪ اهڙي جي قسر اهڙي عمل جي مخالفت ڪئي ۽ هن سنڌي ماڻهن کي مشورو ڏنو ته سنڌي ماڻهن کي سنڌ جي سياست جون واڳون پنهنجي هٿ ۾ وٺڻ گهرجن. سنڌ جي سياست اهڙن جي حوالي نه ڪرڻ گهرجي. جيڪي پاڪستان نظريه اسلام يا پئي ڪنهن معاشي اقتصادي نظريئي جي آڙ ۾ سنڌي ماڻهن کي غلام ۽ محڪوم رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اهڙن ماڻهن کان سنڌ جي سياست جون واڳون ڦري، سنڌي ماڻهن کي پنهنجي هٿ ۾ وٺڻ گهرجن. جڏهن جيئي سنڌ تحريڪ سنڌ جي اندر سنڌي قوم وٽ اهو پروگرام

رکيو. ۽ اهو مشورو ڏنو تہ پاڪستان جي سياست ۾ آل پاڪستان بنيادن جي سياست سنڌي عوام لاءِ سنڌي ماڻهن لاءِ، سنڌي قوم لاءِ 36 سالن ۾ ڪڏهن بہ فائدي واري ناهي رهي. اهڙي قسم جا تجربا ٿيا آهن ۽ انهن تجربن مان بجاءِ فائدي پهچڻ جي نقصان پهتا آهن. ان ڪري سنڌ جي سياست کي انفرادي حيثيت ۾ هٿ گهرجي. ۽ سنڌين کي ڏاريندجي سياست ڪرڻ گهرجي ان وقت انهن وري نئون رنگ روپ اختيار ڪيو تہ سنڌي ماڻهن کي اڪيلو ڪري پاڪستان جي ماڻهن کان، ٻين قومن کان اڪيلو ڪري جئي سنڌ تحريڪ مارائڻ چاهي ٿي. معني تہ سنڌي ماڻهن کي هن وري نئين قسم جو ڊپ ڏنو تہ جئي سنڌ وارا جيڪي سنڌ جي سياست کي پنهنجي هٿ ۾ ونڊ جي ڳالهہ ڪن ٿا. سي حقيقت ۾ سنڌي ماڻهن کي مارائڻ چاهون ٿا. ۽ اها هنن جي ڳالهہ غلط آهي. اها هڪڙي سامراجي وسيع طرح سازش جو حصو آهي. ۽ اها به هڪڙي چال آهي جنهن چال‌جي ذريعي هو ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ سنڌي ماڻهن کي پنجاب سان واڳيل ۽ پنجاب جي ماتحت رکڻ چاهين ٿا. هوماڻهو جڏهن اها ڳالهہ ڪن ٿا تہ سنڌي قوم کي پاڪستان جي ماڻهن کان اڪيلو ڪيو ٻيو وڃي. ان‌وقت حقيقت ۾ هنن جو مقصد اهو آهي. تہ سنڌي ماڻهن کي پنجاب کان الڳ ٿو ٻيو ڪيو وڃي. پنجابين کان اڪيلو ڪيو ٻيو وڃي. خود ان

گالهه جا شاهد ۽ ثبوت موجود آهن.
1979ع ۾ اسين سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ هئاسين. اتي
عيد جي ڏينهن تقريرون ٿيون. انهن تقريرن ۾ مسٽر
رسول بخش پليجو انهي گالهه جو اعتراف هنن لفظن
۾ ڪيو ته جيڪڏهن ڪير مونکان پڇي ته سنڌي ماڻهو
اڪيلا وڙهي آزادي وٺي سگهن ٿا ته منهنجو جواب
آهي نه جيڪڏهن ڪو مونکـــي چوي ته آيا سنڌي
پروچ پٽي گڏجي وڙهي يا ڪنهن به قسم جي جدوجهد
ڪري آزادي وٺي سگهن ٿا. تب منهنجوجواب آهي ته
جيڪڏهن ڪو مونکان پڇي ته سنڌي پروچ پٽاڻ ٿڻي
گڏجي ڪنهن قسم جي جهدوجهد هـلائي آزادي وٺي
سگهن ٿا تـــب منـــهنجو جـــواب آهـــي نـــه پر
جيڪڏهن ڪو مونکان پڇي سنڌي، پروچ، پٽاڻ ٿڻي
گڏجي ۽ ان سان گڏوگڏ پنجابي به انهن سان گڏجن،
پنجابين سان به هو ملن ان وقت ۾ هو ڪا ،وڙه ڪن ته
هوپنهنجا حق وٺي سگهن ٿا. معني انهي مان اها گالهه
سڀين سڌي ثابت ٿي ته هنن‌جواصلي مقصد اصلي منشا
اصلي عرضو غائب اهي ته سنڌي ماڻهو پنجابين سان ملن
معني ته انهن ماڻهن سان ملن جيڪي ماڻهو هن جي
ملڪ حاڪم ٿيو ويٺا آهن. جيڪي ماڻهو سنڌي ماڻهن
تي حڪومت‌ويٺا ڪن جيڪي سنڌي ماڻهن جو استحصال
ٿا ڪن ڦر لٽ ٿا ڪن ۽ [illegible] جي تاريخ ۾ پنجابين
هر طرح سان ڪـــشش ڪـــئي آهي ته پاڪستان جي سياست
اسان جي هٿ ۾ رهي [illegible]

۽ قانوني سهارا ورتا۔ مشرقي ۽ مغربي پاڪستان جي
وچ ۾ برابري واري قانون نافذ ڪرايو۔ مغربي پاڪستان
جي صوبن کي ون يونٽ جي زنجير ۾ جڪڑيو ويو
۽ جڏهن هنن ڏٺو ته انهن گهاليين سان مسئلو حل ڪرڻ
ٽو ٽئي ته هنن آخري تلوار استعمال ڪئي ۽ آخري
حيلو هلايو ۽ آخري هٿيار کڻي ميدان ۾ آيا۔ ۽ اهو
آخري هٿيار هو آرمي، اهو هو فوج، اهو هٿيار هو پنجابين
جو لشڪر ۽ اهو لشڪر پنجابين جو جنهن لشڪر ڪ
ـئو سالن ڏاڪڻ انگريز سامراج جي جهولي ۾ تربيت ورتي
انگريز سامراج جي مقصد لاءِ وڙهيو۔ انگريز سامراج جي
توسيع پسنداڻ مقصدن ۽ منزلن لاءِ هنن ڪم ڪيو۔
انگريزن جي خوشنودي، انگريزن جي مرضي ۽ رضا
جي لاءِ هنن مسلمانن جا مقدس ۽ پاڪ مقام جيڪي
هئا انهن تي گولا باري ڪئي۔ ۽ پچاڑي ۾ جڏهن
انگريز هتان ويو ٿي ته ان وقت ۾ پاڪستان جي حصي
۾ اهو پنجابي لشڪر آيو۔ ۽ انهي پنجابي لشڪر کي
پنجابين آخري هٿيار طور استعمال ڪيو۔ ۽ پاڪستان
جي سموري سياست، سموري اقتصاديات سموري معاشيات
تي انهي پنجابي لشڪر جو ڪنٽرول ڪرايو ويو ۽ اڄ
ڏينهن ڏاڪڻ پنجابي لشڪر پنجابي فوج پاڪستان تي
قابض آهي۔ ۽ اڄ پاڪستان جو مطلب پنجابستان آهي
سنڌ جو ماڻهو جيڪو پنجابين کي چوي سمجهي ٿو

سنڌ جو ماڻهو جيڪو پنجابين کي ڦورو سمجهي ٿو سنڌ جو ماڻهو جيڪو پنجابين کي رهزن ۽ قاتل سمجهي ٿو. سنڌ جو ماڻهو جيڪو پنجابين کي سنڌ جي غلامي جو ذميوار ۽ جوابدار سمجهي ٿو.

ان/ (سنڌي) ماڻهو کي اها گهاڙهه چوڻ ته اوهان پنجابين سان ملي وڃو ته ان جو مطلب اهو ٿيو ته هڪڙي اهڙي پل ناهجي. جنهن هل تي قاتل جو پي مقبول هٽ هٽ ۽ ڏئي ملن. يا هڪ اهڙي ٽالهي تيار ڪرڻي آهي جنهن ۾ چور ۽ پاڪيو گڏجي مانيو کائين. سنڌين کي پنجابين سان ملائڻ يا پنجابين کي سنڌين يا انهن جي پارٽين ۾ شريڪ ٿيڻ يا انهن (پنجابين) سان اتحاد ڪرڻ لاءِ چوڻ اهو اڄوں آهي جڏهن ڪنهن ۾ ڪو اڻهن ڇيو وڃي ته ٿون پنهنجي ماءُ جي پار کي سلام ڪري ان سان مل-يعني ماڻهو کي بلڪل بيغرت بنائڻي آقا ۽ ظالم حڪمران جيڪو آهي ان سان پاڻ پاڻ ۾ هلڻ جي تلقين ڪرڻ- اهو فاسفو دنيا ۾ ڪنهن به مظلوم قوم جي رهنمائن ۽ ليڊرن ظالم قوم سان اتحاد ڪرڻ جي لاءِ ڪڏهن به ناهي ڏسيو. هنن هميشه ظالم قوم جي خلاف مظلوم قوم کي متحد ڪيو آهي مظلوم ماڻهن ۾ حوصلو پيدا ڪيو آهي- مظلوم ماڻهن کي ظالم قوم کان نفرت ڪرڻ سيکاري آهي- ڪينيا ۾ جڏهن جمون ڪينياٽا انگريزن جي خلاف تحريڪ هلائي

پئي. ڪينيا کي انگريزن کان خالي ڪرائڻ لاءِ جدوجهد پئي ڪئي. ان وقت ڪينيا جي جدوجهد آزادي جا عجيب و غريب مثال آهن. انهن مثالن مان هڪڙو مثال آفريڪا جي تحريڪ آزادي ۾ لکيو ويو آهي- ته ڪينيا ۾ ڪي قبيا آدم خور هوندا هئا. اهي ماڻهو جو گوشت کائيندا هئا. ان وقت ماڻو ماڻو تحريڪ جي بانين ڏاڍي پسند ۽ ان ڪوريلا تحريڪ جي رهنمائن انهن آدم خور قبيلن جي ذهن ۾ اها گالهه وڌي ته توهان ماڻهو جو گوشت ته کائو ٿا پر انگريزن جو گوشت ڏاڍو لذيذ ائو اڇي چمريءَ وارن جو گوشت ڏاڍو لذيذ ٿو ٿئي نتيجي طور آدم خور قبيلن ۾ رنگدار کان کي چڏي اڇي چمڙي وارن انگريزن جو گوشت کائڻ لڳا. انهن کي قتل ڪرڻ لڳا. انهن يورپ ۾ خاص ڪري برطانيه ۾ حراس پيدا ڪري چڏيو- مون هڪ مضمون پڙهيو ان ۾ هڪ برطانوي صحافي ٽائمس آف لنڊن ۾ ڪارٽون شايع ڪيو جنهن ڪارٽون ۾ اهو ڏيکاريو ويو ته هڪڙو آفريڪي اڇي ٽو شام جو پنهجي گهر ۾ سندس زال ديگڙو چلهه تي چاڙهيو ويٺي آهي- ۽ پنهنجي مڙس کي چوي ٿي ته تون اڄ تمام سٺو ڪم ڪري آيو آهين. ۽ مون به تولاءِ سٺو طعام تيار ڪيو آهي- جو مون تولاءِ انگريز جو گوشت تيار ڪيو آهي اهو ڪارٽون شايع ڪري ڏاڍو ويو ته توهان اڇي چمڙي

وارن جو ڪينيا ۽ ڪهڙو حشر ٿو ٿئي- ۽ نتيجي طور انهي خوف ۽ حراس انگريزن کي مجبور ڪيو ته هو ڪينيا کي آزاد ڪن

معني ته آزادي جي تحريڪ جا حامي ۽ آزادي جي تحريڪن جا رهنما، ظالم ۽ آقا قوم جي ماڻهن کان پنهنجي قوم جي دلين ۾ نفرت پيدا ڪندا آهن انهن غاصب ۽ ليٽرن کان نفرت پيدا ڪندا آهن- پر هي اسان جا رهنما بقول (رسول بخش پليجو) سنڌس ته اسان رهنما آهيون. اهي خود ساخته رهنما ۽ ليڊر اخبارن جي رنگين پوزن ۾ شايع ٿيڻ وارا ڪهڙا آهن جيڪي سنڌي ماڻهن کي درس ٿا ڏين ته توهان آقائن سان ملي وڃو. آقائن سان گڏجي آقائن جي جيءُ حضوري ڪريو، آقائن جي پيرن تي ڪرو، آقائن کي ڪلهن تي سوار ٿيڻ جو موقعو ڏيو اهي توهان کي حق وٺي ڏيندا. انهيءَ طريقي سان جي سنڌي ماڻهن کي حق ملن ها ته پنجابين جي تمام گهٽي خوشامد ڪئي وڃي ها.

سنڌ کي چوڻ ڪنبو ٻڌي پنجاب جي جهولي ۾ اڇلايو ويو، پنجابين کي ڪن ماڻهن، ڪن رجعت پرست سياستدانن سنڌ ۾ آباد ڪرايو ۽ سنڌ ۾ ڪين زمينون ڏياريون ۽ اهي به سياستدان هٿا جن سنڌ جي بٹراجن تي پنجابي حڪمرانن جا نالا رکرايا. غلام محمد بٹراج وغيره. اهي نالا سنڌي سياستدانن جا ڏسيل آهن

۽ اهي به ماڻهو ها جن پنجابين جي خوشامند لاءِ سنڌي زبان، سنڌي تهذيب، سنڌ جي ثقافت، سنڌ جا ثقافتي ادارا، سنڌ جو ركارڊ، سنڌ جا پيسا سڀ پنجاب جي حوالي كيا ته پنجاب كجهه راضي ٿيندو ۽ سنڌ كي حق ڏيندو. پر ان مان ثابت ٿيو ته پنجابين جي كيڏي به خوشامد كئي وڃي پر پنجابي كجهه ڏيڻ لاءِ تيار ناهن

اهي ماڻهو سڌي طرح يا اڻ سڌي طرح پنجاب جا الاكار آهن جيكي سنڌي ماڻهن جي نفرت جيكا سنڌ ۽ پنجاب جي خلاف پيدا ٿي آهي ان كي ختم كرڻ چاهين ٿا.

آڏون تازو سانگهڙ ضلعي جي گـــوٺ شاهپور چاكر ويس. شاهپور چاكر ۽ مونكي هكڙو عوامي تحريك جو ماڻهو ملبو. اجا آڏون هوٽل ۾ ويٺو ٿي مس هوس چانهه پيٺي لاءِ ته. مينهن، واءُ، طوفان كندو اتي اچي كڙكيو، پوءِ مونكي خبر پئي ته اها هوٽل ان جي آهي. تمام روايتي مهمان نوازي يا آئي جـي آڌار پاءِ وارن آدابن كي پاسيرو ركندي مونكي چيائين ته توهان ته چيو هو ته پٽي جي مرڻ كاهوءِ سنڌين ۾ آزاديءَ جي لهر پيدا ٿيندي سا كـٿي؟ سون چيو ها پيدا ٿي پنجابين جي خلاف نفرت جي لهر ۽ انهيءَ نفرت جي لهر تازو سنڌ جي ميدانن، سنڌ جـي پيلن،

سنڌ جي رستن تي پنهنجو مظاهرو ڪيو ۽ سنڌي ماڻهن تحفي طور پنجابين کي فوجين جا لاش ڏياري موڪليا ته هن هڪدم چيو "انهيءَ لهر جي توهان مخالفت ڪئي" سون چيو ته اسان ان لهر جي نه پر انهن ڪوششن جي مخالفت ڪئي جيڪي ڪوششون انهيءَ لهر کي وري پنجاب جي جهوليءَ ۾ اڇلائڻ لاءِ ڪيون ٿي وينون. اهي ايم آر ڊي جون ڪوششون هيون ته ۷۳ جو آئين، پاڪستان بچايو ۽ سنڌي پنجابي گڏ ٿيو. اسان انهيءَ لاڙي جي انهيءَ روپي جي مخالفت ڪئي هئي. اسان انهن ماڻهن جي مخالفت ڪئي هئي جن انهيءَ نفرت کي جهڪو ڏي ڪيو ته هن وقت ۾ جهڪا نفرت پيدا ٿي آهي ته اها هڪ طرف نظرياتي طرح ٻئي طرف عملي طرح الهيءَ کي جهڪو ڪرڻ جي ڪوشش ٿا ڪن. هاڻي وري نئون شوشو تازو برسات اخبار ۾ لکيو ويو سائين جي ايم سيد ڏانهن اشارو هنن لکيو ته جيئي سنڌ وارن کي چوٽ هئي ته هو بي بي سي جي نمائندن کي گهرائي انٽرويو ڏيئي سنڌي ماڻهن کي دنيا کان اڪيلو ڪري مارائين ۽ سون جڏهن اهو جملو پڙهيو "دنيا کان اڪيلو ڪري مارائين" ان وقت سون کي کل اچي وئي چو ته هو جڏهن پاڪستان جو نالو وٺن ٿا تڏهن به هنن جي مراد هوندي آهي پنجاب کان ڌار ڪرڻ ۽ جڏهن

دنيا جو لفظ وٽن ٿا تڏهن به هن جي دنيا سموري هوندي آهي پنجاب. ڪنهن چيو هو ته روسين جي خيال ۾ دنيا ماسڪو کان ٿي شروع ٿئي ۽ آمريڪن جي خيال ۾ دنيا وائيٽ هائوس کان ٿي شروع ٿئي. پر هن لکيو ته آئون سمجهان ٿو ته دنيا روس کان ٿي شروع ٿئي روس کان پوءِ ماسڪو کان ٿي شروع ٿئي ماسڪو کان پوءِ تاشقند کان ٿي شروع ٿئي، تاشقند کان پوءِ داگستان کان ٿي شروع ٿئي. داگستان کان پوءِ منهنجي گهر کان ٿي شروع ٿئي. ڇو ته منهنجو گهر منهنجو گهر آهي، منهنجي لاءِ اهڙن آهي ته دنيا منهنجي گهر کان شروع ٿئي. سو اسان جا دوست، اسان جا لکندڙ جڏهن دنيا جو لفظ وٽن ٿا تڏهن هنن جي دليا پنجاب جي انار ڪليءَ مان ٿي شروع ٿئي هنن جي مراد وري به دنيا کان ڪٽڻ معني پنجاب کان ڪٽڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

انهيءَ لاءِ آئون توهان کي عرض ڪندس ته دنيا ۾ آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ قوم کاڌ قوم اها آفريڪا جي قوم هجي يا لاطيني آمريڪا جي. يورپ جي هجي يا ايشيا جي. آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ کاڌ قوم هڪ ئي وقت ۾ ٻن متضاد ڪالهين ٻن انتڙ ڪالهين ڏي جدوجهد ڪندي آهي. هڪڙي طرف هو پنهنجو پاڻ کي اڪيلو، ڏاڙ، منفرد ۽ پنهنجو پاڻ کي انفرادي حيثيت ۾ پيش

ڪندي آهي ۽ ٻئي طرف هو سڄي دنيا سان اتحاد، سهڪار لاءِ ڪوشش ڪندي آهي.

هو پنهنجو پاڻ کي ذات، اڪيلو، انفراديت، منفرد حيثيت ۾ پيش ڪندي آهي ظالم، آقا، غلام بنائيندڙ ڪي. هو آقا، غلام بنائيندڙ ۽ ظالم قوم کان هر خصوصيت ۾، هر نشاني ۾، هر علامت ۾ هر اداري ۾ تهذيبي طرح، ثقافتي طرح، لساني طرح، سياسي طرح هر شيءَ ۾ هو آقا قوم کان پنهنجو پاڻ کي اڪيلو ۽ منفرد قوم طور پيش ڪندو آهي.

هو آقا قوم کان هر طرح جدا ناتا ۽ رشتا ٽوڙي ڇڏيندي آهي. هو هر طرح آقا قوم سان ثقافتي ٽوڙي فني ادبي ٽوڙي لساني رشتا ۽ ناتا وقتي طور ختم ڪري ڇڏيندي آهي. آقا قوم جي هر شي من لاه قابل نفرت هوندي آهي. ان ڪري من جو ٽورو به لازو ان شيءَ ڏانهن وڌيڪ ٽوري به ان جي نفرت ۾ نرمي آئي تہ اها نرمي من لاه وري به آقا قوم کي وڌيڪ ٽيڻ يا آقا قوم جي جهولي ۾ ڪرڻ جو سبب بنجي سگهي ٿي. ان ڪري هو آقا کان هر طرح پنهنجو پاڻ کي ذات ڪندي آهي. آقا قوم جي سياست غلام سائڊ واري سياست هوندي آهي ۽ محڪوم قوم جي سياست آزادي سائڊ واري سياست هوندي آهي. غلامي کي ٽوڙڻ واري سياست هوندي آهي. آقا قوم

جي ثقافت پنهنجي ثقافت کي غلبي ڏيارڻ واري ثقافت هوندي آهي. ٻين ثقافتن کي ختم ڪرڻ واري ثقافت هوندي آهي. پر محڪوم قوم جي ثقافت محڪوم قوم جا ثقافتي لاڙا سموري دنيا جي ثقافتي قدرن کي وڌندو ويجهندو ڏسڻ وارا ۽ پنهنجي ثقافت تان غيرملڪي ثقافت جو غلبو هٽائڻ وارا نالا هوندا آهن.

حاڪم قوم جو لساني نظريو اهو هوندو آهي ته اسان جي زبان دنيا جي سڀني محڪوم قومن جي زبانن کان مٿي يا بالاتر آهي. ۽ محڪوم قوم جا لساني لاڙا زبان جي باري ۾ ايئن نه هوندا آهن. هوءَ ايئن سمجهندي آهي ته منهنجي زبان ڏاڍي پياري زبان آهي. منهنجي زبان ڏاڍي مٿي زبان آهي. منهنجي زبان ۽ دنيا جي انهن زبانن جهڙي آهي جيڪي دنيا جي تخمي تي راج ڪن ٿيون، حڪومتون ڪن ٿيون، جن جي ذريعي حڪومتن جا ڪاروبار هلن ٿا.

آقا قوم جا اقتصادي معاشي لاڙا سعورا قرلٽ تي ٻڌل هوندا آهن ۽ محڪوم قوم جا اقتصادي معاشي لاڙا قرلٽ کان آزاد ٿيڻ ۽ آزاد سماجي ڍانچو ۽ اڏڻ وارا هوندا آهن. ان ڪري محڪوم قوم آقا قوم کان هر طرح سان الڳ هوندي آهي، هر طرح سان الڳ ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي آهي.

اوهين ڏسو ويٽنام تي فرانسين جو قبضو هو. هوچي منهن فرانس ۽ ويهي اتان ڪميونزم جي تربيت وٺي آيو ويٽنام ۾، ويٽنام ۾ اچڻ کان پوءِ چيائين ته آئون ويٽنامي آهيان. آئون فرانسيسي ڪونہ آهيان يا هن ويٽنام جي ماڻهن کي اهو ڪڏهن ڪونہ چيو ته توهان جيڪڏهن فرانسين کان الڳ ٿيڻ جي حيثيت قائم ڪئي يا فرانس کان الڳ ٿيو يا فرانس جي ڪميونسٽ پارٽي کان توهان ٿيڻ جي الڳ ڪميونسٽ پارٽي ناهي ته پوءِ توهان اڪيلا ئي مارجي ويندا.

ڀر هن انهيءَ ڪاڻ تي زور ڏنو ته ٿيڻ آهي فرانس ۾ ڪميونسٽ پارٽي آهي ته اها اتي رهڻ ڪئي. فرانس اعليٰ قدرن جو ملڪ آهي ته اهي اعليٰ قدر انهيءَ جي لاءِ رهڻ ڪئي، سونڪي ٿيڻ جي ملڪ جا قدر ڪئي. فرانس جي سياست ڪهڙي به هجي اها پارليامنٽ جمهوريت جي ماءُ هجي ۽ منهنجي ملڪ تي حاڪم آهي- هتي (ويٽنام) هو جمهوريت ۽ آزادي لاءِ راڪاس ٿيو ويڙهو آهي. انهيءَ ڪري منهنجي سياست منهنجي جدوجهد فرانس جي جدوجهد کان الڳ آهي. هن (هوچي منهن) ڪ طرح سان ويٽنامي ماڻهن کي فرانسيسي اتحادين ۽ فرانسيسي پارٽين ۾ شريڪ ٿيڻ کان روڪيو ۽ هن پاڻ فرانسيسي ڪالونيل ڪانگريس ۾ ڪري ڏسو الجزائر ۾ جنگ آزادي ڪئي. اسين ڪالونين به هڪ

ملڪ جو مثال نٿا وڏون پر سموري دنيا کي ڏسو.
اهي جدوجهدون ڪميونسٽن هلايون هجن يا قوم پرستن.
الجزائر تي فرانس جا ماڻهو قابض هئا. الجزائر جا ماڻهو
جيڪي غدار هئا فرانس جا دلال هئا، جيڪي ذهني
طرح غلامي کي قبول ڪرڻ وارا هئا تن ته فرانس
جي اسيمبلي ۾ نمائندگي جي ڪوشش ڪئي تن ته
فرانسيسي کان عهدا ورتا. تن ته اهڙا تلقين ڪئي ته
فرانس جيڪڏهن الجزائر کي ڇڏي ويو ته پوءِ الجزائر
زنده رهي نه سگهندو. يا الجزائر فرانس کان آزادي
وٺي نٿو سگهي. پر الجزائر جا اهي سپوت پٽ ۽
ڏيئرون جن لاءِ هڪڙي پاڪستاني سياستدان پنهنجي
ڪتاب ۾ لکيو آهي ته ۱۹۶۰ع ۾ خواجه شهاب‌الدين
کي ايوب خان موڪليو الجزائر ته وڃ تون بن بلا
کان ڪشمير جي مسئلي تي مدد گهر. خواجه شهاب‌الدين
جڏهن الجزائر جي جنگ آزادي جي رهنما بن بلا سان
سندس صدارتي دفتر ۾ ملاقات ڪئي ۽ بن بلا کي
چيائين ته مهرباني ڪري ڪشمير جي آزادئ لاءِ
اسان جي مدد ڪريو. انوقت ۾ پاڪستاني سياستدان
لکيو آهي ته بن بلا سندس صدارتي دفتر جي دري
کولي ۽ بن بلا خواجه کي ٻهاري سامهون چمائين ته
هيڏانهن ڏس سامهون. خواجه صاحب ڏٺو ته اتي ميلن
۾ ڪيترل قبرستان هئو. ان قبرستان جي لاءِ خواجه

شهاب‌الدين چيو هو ته هتي ته مونکي ڪابه شئي نظر ڪانه ٿي اچي. رڳو قبرون پيون آهن. بن ٻلا چيس ته خواجه‌صاحب "الجزائر جي سپ ڪان وڌيڪ خوبصورت جڳهه‌هي آهي" هتي اهي پندرهن (۱۵) لک الجزائر جا پٽ ۽ ڏيئون سڀا پيا‌آهن جن الجزائر لاءِ الجزائر جي آزادي لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون ۽ اهو ثابت ڪيو ته الجزائر جا ماڻهو ڏار آهن. الجزائر قوم الڳ آهي. الجزائر جي قوم آزادي ماڻڻ جي حقدار آهي. جيڪا به قوم دنيا ۾ وڙهڻ چاهي ٿي. اوهين به جيڪڏهن ڪشمير ونڊ چاهيو ٿا ته مهرباني ڪري پهرين پندرهن لکن قبرن جو انتظام ڪريو. تنهن کان پوءِ اها گالهه ڪريو باقي سڪٽين دعوائن سان ڪابه شيءَ ڪانه ملندي آهي."

اها گالهه ثابت ڪرن لاءِ الجزائر جا ماڻهو محب وطن پڻ ۽ ڏيئن تن غدارن واري موقف کي غلط ثابت ڪرڻ‌لاءِ پندرهن لک جانيون ڏنيون، ڪنوارين چوڪرين پنهنجون عصمت دريون ڪرايون. توهان جميلہ بوپا جا قصا پڙهيا هوندا ۽ هتن هڪڙي‌ڏينهن‌لاءِ به اها گالهه قبول نه ڪئي ته اسين فرانسيسن جي پارٽين ۾ شريڪ ٿي، فرانس جي ڪميونسٽ پارٽي ۾ شريڪ ٿي، فرانس جي مزدور محاذ ۾ شريڪ ٿي اسان کي آزادي وڏي سگهون ٿا. الجزائر جي ماڻهن اها گالهه قبول

کڏهن به نه کئي.

هندستان جي آزادي جي جنگ هلي، آئون اها گهالهه ڪري رهيو آهيان ته غلام ملڪن جا ماڻهو، غلام قوم جو رهنما هر طرح سان اها ڪوشش ڪندو آهي ته پنهنجي قوم کي، ظالم قوم، ظالم ملڪ ۽ آقا قوم جي ماڻهن کان الڳ حيثيت ۾ ڏيکاري، ڏار ڪ-ن، سچائپ پيدا ڪن، ته ٽوهان ڏار آهيو، هو ڏار آهن، هندستان ۾ آزادي جي تحريڪ هلي، جيڪڏهن پنجاب جهڙن محاذ ۾ شامل ٿيڻ سان سنڌ کي آزادي ملي يا پاڪستان عوامي تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ سان سنڌ کي آزادي ملي ته جواهر لال نهرو ۽ گانڌي انڊين نيشنل ڪانگريس کونه ڏاهين ها. ۽ برطانيه جي ليبر پارٽي ۾ شامل ٿي وڃن ها. پر هنن اهو سمجهيو ته برطانيه جون جيڪي پارٽيون آهن جماعتون آهن. سياسي تنظيمون آهن ٽوڙي اهي مزدورن جون يونين آهن اول اهي برطانيه جي مفاد لاءِ ڪم ڪنديون. هو پنهنجي مادر وطن برطانيه سان وفادار رهنديون. تنهن کان پوءِ ڀين لاءِ ڪم ڪن ته واه ٻي صورت ۾ نه. انهيءَ ڪري ته ايٽن چيو هو ته مونکي برطانيه جي انهي ڪميونسٽ کان گانڌي وڌيڪ ترقي پسند نظر اچي ٿو. ڇو ته برطانيه جو ڪميونسٽ صرف برطانيه ۾ ويهي پنهنجي اجرت وڌائڻ جي لاءِ هڙتال ڪري سگهي ٿو. مظاهرو

تہ ڪري سگھي ٿو پر هندستان پروسندڙ گولمن جي خلاف هڙتال نٿو ڪري سگھي. احتجاج نٿو ڪري سگھي. هو سامراج کي توسيع ۽ سامراج کي مضبوط ڪرڻ جي لاءِ برطانوي ملن کي به چالو رکيو اچي، پورهيو ڪندو اچي ۽ گانڊي انهيءَ ڪري عظيم آهي، انهيءَ ڪري ترقي پسند آهي، انهيءَ ڪري سامراج دشمن آهي تہ هو عالمي سامراج جي گلي ڪٽ لاءِ هندستان ۾ انگريزن تي وار ڪري رهيو آهي.

هندستان جي ماڻهن سمجهيو ٿي تہ آقا ملڪ جون تنظيمون جيڪي به آهن سي پهرين پنهنجي ملڪ سان وفادار آهن، پوءِ ٻين لاءِ ٿي سگھن تہ ٿي سگھن پي صورت ۾ نہ!

آئون تازو توهان کي مثال ڏيان، جيڪي اسان جا دوست پاڻ کي ترقي پسند سڏائين ٿا. انهن جي سامهون هڪ مثال آهي تہ جارج حباش وڙهي پيو فلسطين جي آزاديءَ لاءِ. ڪميونسٽ آهي، مارڪسزي، سڄي دنيا هن کي مڃي ٿي تہ ڪميونسٽ آهي عربن جو مارڪس کي مڃي ٿو ۽ سڀ کان وڏي وڙهاڪ تنظيم جارج حباش جي آهي، اسرائيل ۾ ڪميونسٽ پارٽي موجود آهي. ليڪن جارج حباش اسرائيل جي ڪميونسٽ پارٽي ۾ شريڪ ڪونہ ٿيو آهي، ۽ هو

اسرائيل جي ڪميونسٽ پارٽي کي نندي ٿو ايتروڻي جيترو اسرائيل جي ليبر پارٽي کي. ته اسان جي مادر وطن تي هو به قبضو ڪيو ويٺا آهن ۽ هن پنهنجي ڏار پارٽي ناهي. جارج حباش، ياسر عرفات جهڙي مسلمان سان ته اتحاد ڪري سگهي ٿو ۽ جارج حباش، شاهه حسين سان ته گالهيون ڪري سگهي ٿو جارج حباش قذافي سان ته گالهيون ڪري سگهيٿو. ۽ فهد سان گالهائڻ لاءِ تيار نه آهي پر اسرائيل جي ڪميونسٽ پارٽي سان گالهائڻ يا ان سان ناهه ڪرڻ يا انهن جي تنظيم ۾ شامل ٿيڻ لاءِ تيار نه آهي. ڇو ته هو تاريخي طرح ان گالهه کي سمجهي ٿو ته هو هڪ حڪوم قوم جو ماڻهو، جلاوطن قوم جو فرد اها گالهه سمجهي ٿو ته اسرائيل جي ڪميونسٽ پارٽي اول کان آخر تائين اسرائيل سان وفادار آهي ان رياست سان وفادار آهي انهن ماڻهن سان وفادار آهي جيڪي هن کي ووٽ ٿا ڏين جن جي بنياد تي هو پنهنجو نظام ڪيو ٿو اڇي ان ڪري هو فلسطين سان وفادار ٿي نٿي سگهي. فائدي لاءِ ئي نٿي سگهي. جيتري "تنظيم آزادي فلسطين" ٿي سگهي ٿي. معني ته وهان کيتري به کهن ماڻهوءَ جي چمچاگيري ڪريو. آئون دعويٰ سان چوان ٿو ته هندستان جي آزادي لاءِ جيتري دل مهاتما گانڌي جي ڏهڪندي تڙپندي هوندي

هڪي ان جو ڏاڍون حصو ب ايٽمري بمبن جو نه ڏڙڪندو هوندو.

سنڌ جي آزادي لاءِ جيترو درد، جذبو جولان جي ايم سيد جي دل ۽ دماغ ۾ پيدا ٿي سگهيو ٿو، ان جو ڪڙون حصو به ڪنهن پنجابي جي دل ۾ نٿو ٿي سگهي. يا پنجابين سان ڏاڍ ڪرڻ وارن جي دل ۾ سوال ڪي پيدا نٿو ٿئي.

هڪ طرف اها گهالهه اسان کي پنهنجي مائٽين جي اڳيان واضح ڪرڻي آهي ته سنڌي مائهو هر گهالهه ۾، هر خصوصيت ۾، هر شيءِ ۾ پنجابين کان الڳ آهن. پنجابين سان سنڌين جي سياست، گهنڊيڻ جو نتيجو غلاميءَ جي صورت ۾ نڪتو آهي ۽ نڪرندو. پنجابين ۽ سنڌين جي ثقافت ۽ اقتصاديات گڏجڻ سان، سندين جي ثقافتي ۽ اقتصاديااتي غلامي وارو نتيجو نڪتوآهي ۽ سنڌي، اقتصادي. ثقافتي طور محڪوم ٿي ويا آهن ۽ وڏيڪ ٿيندا. پنجابين سان پارٽي بنهادن تي اتحاد ڪرڻ سان جهڙي طرح سنڌي اڄ ڏينهن تائين مار کائيندا آيا آهن ۽ آئيندہ به مار کائيندا رهندا ۽ سنڌين ۾ پنجابين جي لاءِ اسين جيترو نرم گوشو پيدا ڪنداسين، محبت پيدا ڪنداسين ته پنجابي وڏيڪ اچي سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪندا.

اهو دنيا جو دستور آهي، دنيا جي انقلابي

پارٽين جو دستور آهي ته هو پنهنجي قوم کي حاڪم قوم کان الڳ ڪن. ان ڪري جيڪي سنڌ تحريڪ ۽ ان جي باني جي ايم سيد شروع ڪيا وڻي اهو چوڻ آهي ته آل پاڪستان بنيادن جي سياست، سنڌين لاءِ نقصانڪار آهي. جو ته سياسي طرح جيڪي به فيصلا ٿيندا، پارٽي بنيادن تي ٿيندا. اسيمبلين ۾ ٿيندا، ان ۾ سنڌي اقليت ۾ هوندا، سنڌي، بلوچ پٺاڻ ٽئي اقليت ۾ هوندا ۽ ڪنهي جي ڪڏجن سان به ڪو مسئلو حل ڪرڻ ٿيندو ۽ ٽئي وڏيڪ غلامي ۾ جڪڙيا ويندا. ۽ جيڪو به فيصلو ڪندا، معني ته پارٽي هڪڙو فيصلو ڪريٿي ته مرڪز کي لامحدود اختيار ڏنا وڃن ته انهيءَ پارٽيءَ ۾ جيڪي سنڌي شامل آهن اهي به انهيءَ فيصليءَ جي تصديق توسيع ڪن ته معني سنڌ جي غلامي لاءِ اهي به اوتراڻي ذميوار آهن جيترا پنجابي. اها پارٽي چاهي بلوچستان جي ليڊرن جي هجي يا سنڌ جي ليڊرن جي قائم ڪيل هجي. ۽ جنهن ۾ پنجابي شريڪ آهن، حاڪم شريڪ آهن، اها پارٽي انهن حاڪمن جي مفاد ۾ استعمال ٿيندي. اهو پاڪستان جي تاريخ دنيا جي تاريخ ثابت ڪيو آهي. ان ڪري محڪوم قومن، آقا قوم کان الڳ هوندي آهي. الڳ رهڻ کپي ۽ جيڪڏهن پنهنجي الڳ حيثيت نه رکي، نه سجاڻي، نه ظاهر ڪئي ان صورت ۾ هوءَ مري ويندي آهي،

ختم ٿي ويندي آهي، غلام رهي رهي ريڊ انڊين وانگر ختم ٿي ويندي.

ٻئي طرف غلام ملڪ جا ماڻهو، غلام قوم ۽ غلام عوام ٻئي طرف جيڪا جدوجهد ڪندو آهي اها جدوجهد سموري دنيا جي ترقي پسند، سموري دنيا جي آزادي ۽ امن جي علمبردار قومن سان اتحاد ۽ سهڪار ۽ اهو اتحاد ۽ سهڪار انساني قدرن آزادي، خوشحالي ۽ امن جي بنياد تي هوندو آهي. ان ڪري اسين جڏهن پنجابين کان ڌار ٿيڻ جي ڪوشش ٿا ڪريون، تہ ان وقت آئون پٺهن سان چوان ٿو تہ اسان دنيا ۾ اڪيلا ناهيون. ان وقت هندستان جي سهڪار جي توقع ڪري سگهون ٿا ۽ انهن جي جائز پنهنجي ملڪ جي حفاظت ۽ ملڪ جي ترقي ۽ تعمير لاءِ جيڪا جدوجهد ڪن ٿا ان ۾ اسان عملي طرح حصو وٺي نٿا سگهون تہ گهٽ ۾ گهٽ اسان جون نمائيون دعائون، نمائون آسون ان ۾ ضرور شامل آهن تہ خدا ڪري وڌندا ۽ ويجهندا رهن.

ساڳي طريقي سان جيڪڏهن ايران جو عوام اتي جي ملان شاهي آمريت ۽ سامراجيت جي خلاف جدوجهد ڪري ٿو تہ ان سان به اسان جون تمنائون ۽ نيڪ نيتون، خواهشون ضرور گڏ آهن ۽ ساڳي خواهش اسان به انهن ۾ رکون ٿا تہ هندستان جا ماڻهو

۽ هندستان جي قوم، هندستان جا وطن دوست ۽ آزادي انصاف چاهيندڙ ماڻهو اسان جو به سهڪار ڪندا.

ان ڪري اسين نظرياتي ۽ ذهني طرح هندستان جي عوام کان ڪٽيل ناهيون ۽ اسان ذهني ۽ نظرياتي طرح ايران جي عوام کان ڪٽيل ناهيون. اسان ذهني ۽ نظرياتي طرح افغانستان جي انهن حربن پسند ماڻهن کان ڪٽيل ناهيون. جيڪي آمريڪي سامراج ۽ ان جي دلال پاڪستاني فوجي ٽولو ۽ پنجاب سامراج خلاف جدوجهد کي ٿا پيا. اسان ذهني طرح انهن کان ڪٽيل ناهيون. اسان ذهني طرح فلسطين جي ماڻهن سان به گڏ آهيون، اسان جارج حباش سان به گڏ آهيون ۽ اسين ساڻي توقع رکون ٿا ته هو به اسان سان گڏ هوندو. ذهني طرح گڏ هوندو ۽ وڌيڪ ڪجهه نه ڪري سگهندو. اسان ذهني طرح خواهش جي نموني سمجهون ٿا ته سويت يونين جي ماڻهن سان گڏ آهيون ۽ اهي به اسان سان گڏ آهن. يعني وسيع طرح عالمي سامراج جي خلاف جيڪا جدوجهد هلي ٿي. وڏي جي خلاف هو ٿو وڙهي ۽ ان جا ننڍڙا پلونگڙا آهن وڏي سامراج جا انهيءَ سان اسان ٿا وڙهون.

ساڻي وقت پارت جي عوام خلاف جيڪي ڪوششون ٿين ٿيون. پارت جي جمهوريت ۽ آزاديءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ، جيڪي سازشون ٿين ٿيون ان

ان تي به ڪوششون ڪندڙ ۽ ڪندڙن جا جيڪي ان جا سرپرست آهن انهن تي تعبرا ڪيون ٿا ۽ انهن تي لعنت ڪريون ٿا.

ساڳي طريقي سان افغانستان جي حڪومت، ترقي پسندانه نظام ۽ افغانستان جي اندر صالح صلاحيت وارا ماڻهو آيا آهن انهن جي خلاف افغان پگوڙا جيڪي بدمعاشي واريون ڪاروايون ڪن ٿا. اسان انهن تي لعنت وجهون ٿا. اهڙي طريقي سان اسان لاطيني آمريڪا ۾ ايسل وادور ۾ نڪاراگوا ۾ ارجنٽائن ۾ جتي جتي به سامراج جون پٽو قوتون اتي جي حريت پسند اتي جي آزادي پسند اتي جي آزادي چاهيندڙ ماڻهن جي خلاف وحشيانه ڪاروايون ڪن ٿا. اسان انهن قوتن تي لعنت ٿا وجهون ۽ اسين گهٽ ۾ گهٽ اهو چئون ٿا ته (اهي ماڻهو جيڪي وفاداري جي جذبي سان سرشار آهن، انهن ماڻهن تائين اسان جا سلام پهچائي ڇڏهو پوء جتي به هجن، جيتوڻيڪ انهن ماڻهن تائين اسان پهچي نٿا سگهون) ۽ ساڳي خواهش اسين اتي جي ماڻهن کان، عوام کان، اتي جي قوم کان ڪريون ٿا، اها آهي بنهادي فڪري گاله آزادي چاهيندڙ قوم ۽ ملڪ جي ماڻهن جي هو وڙهندا آهن آقا ملڪ جي خلاف ۽ ان کان الڳ هوندا آهن ۽ سموري دنيا جي انصاف پسند ماڻهن سان هوگڏ هوندا

آهن. ان کري جڏهن هتي تحريڪ هلي، چهرن جي تبديلي جي. پاڪستان پچايو قسم جي تحريڪ هلي. ان وقت سنڌ جو ماڻهو رستن تي، ٻيلن ۾، واهن تي سنڌ جي سر سبز کيتن ۾ ۽ ٻيلن گلن واري سرنهن جي ميدانن ۾، ٻنهن ۾ نڪري آيو ۽ ٻنهنجي ريتي رت سان انهن کي ريج ڏيڻ لڳو. ان وقت اسان سنڌ جي ماڻهو کي، اسان جي سائين. اسان جي ليڊر اهو بنيادي سياسي سبق ڏنو ته توهان پنجابين کان الڳ آهيو. توهان پنجابين کان ڌار آهيو. توهان پنجابين کان ڪنهل آهيو. پنجابي توهان لاءِ ناهن ۽ توهان پنجابين لاءِ ناهيو ۽ ساڳئي وقت سموري دنيا سان، سموري انصاف پسند دنيا سان، سهڪار ڪندي اسان جي سائين اسان جي ليڊر سموري دنيا جي ماڻهن کي اپيل ڪئي ته سنڌ جي ماڻهن سان توهان سهڪار ڪريو. سنڌ جو ماڻهو اڳتي هلي عالمي ثقافت جيڪا ٿيندي تنهن جي جهول ۾ به ٻنهن جي ثقافت جا ڪجهه گل اڇلڻ جو حق رکي ٿو ۽ ان ثقافت ان تهذيب ۽ انهن انساني قدرن کي بچائڻ جي ڪوشش ڪريو. سنڌ جو ماڻهو به انساني حق رکي ٿو. سنڌ جو ماڻهو به آزادي ۽ انصاف لاءِ وڙهي ٻيو. جيتوڻيڪ ان جي جدوجهد هن وقت ايتري واضح ناهي. اڳتي هلي اها واضح ٿيندي. معني سائين جي ايم سيد سنڌي ماڻهن کي دنيا کان

ڪونہ ڪڍيو. سائين سنڌي ماڻهن کي پارت جي ماڻهن کان ڪونہ ڪڍيو. سائين سنڌي ماڻهن کي افغانستان جي ماڻهن کان ڪونہ ڪڍيو. سائين سنڌي ماڻهن کي بلوچستان جي ماڻهن کان ڌار ڪ ـونہ ڪيو. سائين سنڌي ماڻهن کي ايران جي حريت پسند ماڻهن کان ڌار ڪونہ ڪيو. سائين سنڌي ماڻهن کي سويت يونين جي انهن فولاد سرخ سپاهين کان ڌار ڪونہ ڪيو. انهن سان تہ سهڪار، انهن سان تہ گڏجڻ جي اپيل ڪئي. انهن کي تہ سات جي اپيل ڪئي. پر ساڳي وقت سائين ظالمن، ليٽرن، غاصبن ۽ غ ـلام بنائيندڙن کان ڌار ٿڻ، الڳ رهڻ جي اپيل ڪئي ۽ اهڙي بنيادي، سياسي اصول ۽ حڪمت عملي آهي محڪوم قومن جي.

پر هتي حا جهڪي دانشور هٿان جيڪي پاڪي انقلابي سڏائڻن تا تن الهيءَ جي ابتڙ ڪ ـم ڪيو، معني تن عمل ڪيو هوچي منهه جي ابتڙ. تن عمل ڪيو بن بلا جي تحريڪ ۽ نظريي جي ابتڙ، انهن عمل ڪيو جارج حباش جي تحريڪ نظريي جي ابتڙ، انهن عمل ڪيو فيڊرل ڪاسترو جي تحريڪ ۽ نظريي جي ابتڙ. انهن عمل ڪيو چرچل جي نظريي تي. انهن عمل ڪيو روزولٽ جي نظريي تي. انهن عمل ڪيو خالا زار جي نظريي تي ۽ انهن عمل ڪيو بين

هتلر، ميسولني جي نظريي تي. ته حاڪم ۽ محڪوم
ڪي ڳڏيو. حاڪم ۽ محڪوم ڪي هڪ ڪريو. حاڪميت
وا ٻون زنجيرون جيڪي آهن تن ڪي وڌيڪ مضبوط
ڪريو، ان سلسلي ۾ هو بنيادي طرح غلط هٿا ۽ وري
جڏهن اسان جي تحريڪ ۽ اسان جي ليڈر، ۴۷ جي
آئين ۽ پاڪستان بچاءِ تحريڪ، ان کان ٻنهنجي الڳ
رهڻ جو اعلان ڪيو ۽ سنڌي ماڻهن کي ٻڌايو ته
اهي توهان جي وڌيڪ محڪومي جون زنجيرون آهن.
ان وقت ۾ هي ڪاوڙجي ٻيا ته پائي ۴۷ جو آئين.
مون جيئن اڳيئر عرض ڪيو ته هتن ماڻهن جو مقصد
آهي پنجاب جي بالادستي ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾
قائم رهي. پنجاب کان اڳ سنڌي ماڻهن جي سوچ ۾
نه ٿئي. هن وقت ۾ پنجاب جي حڪومت آ. ۾ اها
پنجابين جي حڪومت فوجي حڪومت آهي ۽ فوجي
حڪومت غير قانوني آهي سموري دنيا ۾. جنهن کي
برسر اقتدار رهڻ جو ڪو به قانوني آئيني جواز نه هوندو
آهي. معني انهيءَ غير قانوني حڪومت جي خلاف
ڪٽي به اپيل داخل ڪري سگهجي ٿي. احتجاج ڪري
سگهجي ٿو. ۽ اسان جي يارن چيو ته اها غير آئيني،
غير قانوني حڪومت ختم ٿئي ۴۷ جو آئين بحال ٿئي
۴۷ جي آئين بحال ٿيڻ سان پاڪستان اسمبلي ٺهندي.
ان پاڪستان اسمبلي ٺهڻ سان پنجابي اڪثريت ۾

چونڊجي ايندا انهن جون سيٽون وڃيڪ آهن. اسيمبلي ۾ پنجابين کي حڪومت ڪرڻ جو آئيني ۽ قانوني جواز ملي ويندو.

معني هنن چيوتہ پنجابين جي غير آئيني حڪومت ختم ڪري ۽ آئيني حڪومت بحال ڪريو تہ جئن پنجابين کي وڏيڪ حڪومت ڪرڻ جو جواز ملي ۽ انهيءَ پنجابين جي (جمهوري) *ڪومت کي ڪٽي به چئلينج نہ ڪري سگهجي. ڪٽي به ان جي خلاف بڙڪ ٻاهر نہ ڪڍي سگهجي. جڏهن چئجي تہ پاڻي پنجابي ظلم ٿا ڪن تڏهن انهن وٽ دليل گهڙيو رهيو هوندو تہ توهان چونڊيا آهن. جمهوري طريقي سان چونڊجي آيا آهن. جمهوري طريقي جي چونڊيل حڪومت آهي. ان جي خلاف ڇو ٿا احتجاج ڪريو. تہ اهو هڪڙي قسم جو پنجاب جو فلسفو آهي ۽ پنجابين جي حڪمت عملي آهي تہ پاڻي فوج کي هٽايو. معني ميجر ظهير کي هٽائي چوڏري چراغ الدين ان جي وڏي ٻاهہ کي اقتدار ڏئي ڇڏيو ميجر ظهير کي وردي پاتل آهي ۽ هن کي گوڏ پاتل آهي ۽ ترو پڌل آهي. ڪالهہ مڙئي ساڳي حڪومت وري به انهيءَ ساڳئي گهر ۾. ميجر ظهير جي غير آئيني حڪومت آهي ۽ چوڏري چراغ الدين جي آئيني حڪومت آهي ۽ چونڊيل حڪومت هوندي ان ڪري چوڏري صاحب جي

حڪومت کي ڪوبہ چئلينج ڪري نہ سگھندو.

ان ڪري اسانجي ليڈر، اسانجي تحريڪ ايئن چيو تہ اسان پنجابين جي غير آئيني غلاميءَ ۽ لعنت ڪريون ٿا ۽ پنجابين جي آئيني غلامي ۾ وڌ لاءِ تيار ناهيون ۽ اسان سنڌ جي آزادي چاهيون ٿا جيڪا غير آئيني حڪومت جي خلاف ۽ آزادي جي جدوجهد جاري رهندي ۽ جيڪڏهن پنجابين جي آئيني حڪومت آئي تہ ان ۾ بہ جاري رهندي. پر آئيني حڪومت وڌيڪ خطرناڪ آهي بحيثيت غير آئيني حڪومت جي ۽ غير آئيني حاڪميت جي.

ٻيو سوال هو اهو ڪندا آهن تہ پاڻي ڇڙا مظلوم سنڌي ٿيڙا مظلوم پنجابي، جيڙو هاري سنڌ ۾ ٿيڙو هاري پنجاب ۾، ظالم پنجاب ۾ بہ آهن، ظالم سنڌ ۾ بہ آهن." ان جي ذريعي بہ هو پنجاب ۽ سنڌ کي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. معنيٰ تہ پنجابي مظلوم هاري يا پنجابي مظلوم مزدور ۽ سنڌي مظلوم هاري ۽ مزدور ٿئي چاريءَ گڏجي جدوجهد ڪن. چا جي لاءِ جدوجهد ڪن؟ جدوجهد ڪجي شيءِ لاءِ ڪن؟ اها شيءِ واضح ناهي! پاڪستان جا اهي نظريءَ صاحب اها شيءِ واضح نہ ڪري سگهيا آهن. ڪڏهن اسان کي چوندا هئا تہ پاڪستان ۾ اشتراڪيت لاءِ گڏجي جدوجهد ڪريو ۽ جڏهن هنن ڏٺو تہ اشتراڪيت

واري منزل تمام پري آهي تہ هنن وري پيو هرو ڏنو تہ جمهوريت لاه گڏجي جدوجهد ڪريو. هاڻي وري ٿين وري نئين شيءِ پيدا ٿي آهي. اها آهي قومي جمهوري انقلاب. هتي اهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ پاڪستان ۾ جيستائين پاڪستان جي آرمي نٿي ٿئي ان وقت تائين جمهوري حڪومت اچي نٿي سگهي. پاڪستان جي آرمي ڪمزور نٿي ٿئي، پاڪستان جي آرمي ختم نٿي ٿئي، فوج ختم نٿي ٿئي ان وقت تائين جمهوري حڪومت به بحال نٿو ٿي سگهي.

پاڪستان جي آرمي صرف جمهوريت جي جدوجهد ذريعي، صرف جمهوريت جي نالي ۾ ماڻهن کي انارڪ ۾ پاڪستان جي آرمي سان ماڙيو وڙهندو ٿي ڪونہ ۽ پاڪستان جي آرمي ڪمزور ٿيندي ڪونہ. اها پاڪستان جي تاريخ پڌائي ثابت ڪري ٿي. ۽ جڏهن به پاڪستان ۾ قومي مسئلي ڪر ڪنيو آهي. قومي مسئلو اپريو آهي، آسريو آهي. ان وقت ۾ پاڪستان جي آرمي کي ڏک لڳو آهي، پاڪستان جي آرمي ڪمزور ٿي آهي. پهرين پاڪستان جي آرمي کي ڏک لڳو بنگال مان ۽ بنگال جي جيڪا جدوجهد هئي سا قومي جدوجهد هئي، جنهن پنجاب جي آرمي جو موڙائو سچو دنيا منجهه ڪهرائي ڇڏيو، ختم ڪري ڇڏيو. ان کانپوءِ آرمي کي ڏک لڳو بلوچستان مان ۽ باوجن جي جدوجهد

قومي جدوجهد هئي ۽ ساڳئي وقت ۾ هن وقت ۾ به سنڌ ۾ پنجاب جي آرمي کي ڏک لڳو آهي سو به قومي بنيادن تي لڳو آهي. سنڌي ماڻهو نيشنلزم (قوم‌پرستي) جي جذبي تي وڙهي‌رهيو آهي‌ته کي ٻئي کنهن طريقي سان. باقي رهيو سنڌ ۽ پنجاب جو مظلوم ماڻهو. پنجاب جو مظلوم ماڻهو سنڌ جي آزاديءَ لاءِ کيئن وڙهندو؟ ڇا برطانيہ جو ماڻهو هندستان جي آزادي لاءِ وڙهي رهيو هو؟ ڇا فرانس جو مزدور الجزائر جي آزادي لاءِ وڙهيو هو؟ ڇا اسرائيل جو مزدور اڄ فلسطين جي آزاديءَ لاءِ وڙهي پيو؟ حالانڪہ مزدور اسرائيل ۾ ويٺو آهي، فلسطين ۾ به مزدور آهي. مزدور فرانس ۾ به هٿ، مزدور برطانيہ ۾ به هٿ ته هندستان ۾ به هٿ، مزدور فرانس ۾ به هٿ ته ويتنام ۾ به هٿ پر ويتنام جي آزادي لاءِ فرانس جو کوبہ مزدور کونہ وڙهيو هو. هندستان جي آزاديءَ لاءِ کونہ برطانيہ جو مزدور کونہ وڙهيو هو. هڪڙو مزدور ليڈر آيو هو هندستان ۾ جنهن جو عبدالله ملک ذکر کيو آهي. اهو کميونسٽ سڳورو هو. انهيءَ هتي اچڻ شرط هتي سڀ کان وڌيڪ مخالفت پنهنجي تقريرن ۽ تحريرن ۾ ڪانڊي جي ڪئي آهي. يعني جيڪو ايشيا ۾ ان وقت سامراج دشمني‌جو سيمبل(Symbol) هو ۽ هن (مزدور ليڈر) پنهنجي تقريرن تحريرن ۾ وڌيڪ

مخالفت گانڌي جي ڪئي آهي تہ هي هندستاني سرمائيدارن جو ايجنٽ آهي ۽ ان مخالفت سان يعني گانڌيجي مخالفت سان معني سامراج دشمن ڪئمپ کي ڪمزور ٿي ڪيو هن. ۽ هندستاني سرمائيدارن جي مخالفت ڪري هن برطانوي سرمائيدار جا مفاد ٿي پورا ڪيا. تہ آقا ملڪ جو مزدور ۽ محڪوم ملڪ جو مزدور گڏجي وڙهي نٿو سگهي.

خود پنجاب جو توهان مثال وٺو پنجاب جو توهان مثال وٺو پنجاب جو مزدور ۽ هاري تاريخي طرح ان تي جيڪي فرض عائد ٿيا ٿي، تاريخي طرح ان تي جيڪي گهاڻيون عائد ٿيون ٿي. پاڪستانجي تاريخ ۾ پنجاب جو هاري ۽ مزدور تاريخي فرض ادا ڪرڻ ۾ نہ صرف ڪٽو آهي پر تاريخ جي عدالت پوري طرح مجرم ثابت ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جي ماڻهن ون يونٽ جي خلاف جدوجهد ڪئي. سنڌ جي ماڻهن ون يونٽ کي ڀاهڻ جي جدوجهد ڪئي، سنڌ جا پٽ ۽ ڏيئون جيلن ۾ ويا، سنڌ جا ماڻهو لئين ۽ ڏنڊن جي وچ ۾ هئا. سنڌ جي نوجوانن جي رت سان ميدان ڳاڙها ڪيا ويا، سنڌ جي ماڻهن کي گوليون هنيون ويون. ان وقت ۾ آڻون سڀني کان پڇان ٿو، اسانجي دوستن کان، اسانجي دشمنن کان، اسانجي مٽ گهرن کان، اسانجي گهٽگهرن کان، اسانجي ڪوڙن همدردن کان،

اسانجي سچن مخالفن کان، اهو پڇڻ چاهيان ٿو تہ توهان مهرباني ڪري اهو ٻڌايو تہ ون يونٽ جي چوڏهن (۱۴) سالن جي تاريخ جي دؤر ۾ هڪڙي به پنجابي ون يونٽ ٽوڙائڻ جي لاءِ لاهور ۾ بک هڙتال ڪئي هجي، هڪڙي به پنجابي هاري سندي هاري جي همدردي ۾ صرف سنڌ جي زمين تي هر ڪاهڻ کان انڪار ڪيو هجيس تہ هتي سنڌي هاري جو حق آهي. هڪڙي به پنجابي مزدور تاريخي رڪارڊ مان ثابت ڪن تہ ڪوٽڙي جي ڪارخاني ۾ وڃڻ کان انڪار ڪيو سڄيس تہ اهو ڪٽي ڪميونسٽ مزدور هجي ۽ ثابت ڪن تہ هن اڇڻ کان انڪار ڪيو هجي تہ اتي حق اتي جي سنڌي مزدور جو آهي ۽ آڏون ڪونہ ڪمائيندس. ون يونٽ واري پوري دور ۾ ڪٿهن به هڪڙي پنجابي آڏون ون يونٽ جي آخري دؤر جي گالهہ ڪونہ ٿو ڪريان، جڏهن ون يونٽ سنڌي ماڻهن جي بهادران جدوجهد، بلوچن جي گولين جي گونجار ۽ سرحد جي غيور پٺاڻن جي جدوجهد سان ٽٽڻ جي ويجهو هو ۽ بنگالين جي بانس جون لٺيون پنجاب جي آمريت ڏي اپيون ٿي چمڪيون ميون ان وقت ون يونٽ ٽٽڻ جي ويجهو هو. ان وقت پنجاب جي ڪن رجعت پسند سياستدانن ويندي جماعت اسلامي وارن به ٻاهان ڏنو تہ "اب ون يونٽ ٽوڙ دو" ۽ اسانجي سنڌي

سماڻدان جناب پڻي جماعت اسلامي کان پنج ڏينهن پوء بيان ڏنو تہ"اب ون يونٽ ٽوڙ دو" آخري پساهن ۾ جڏهن ون يونٽ هو تہ هن (پنجابين) بيان ضرور ڏنا هوندا. دولتاني به ڏنو، ليگي به ڏنا، جماعت اسلامي وارن به ڏنا. پر جڏهن ون يونٽ جو قهري دور هو. ان وقت ۾ ثبوت پيش ڪن تہ هڪڙي بہ پنجابي دانشور صالح فيضل، شير علي باچا يا ڪنهن به ميجر اسحاق هڪ ڏينهن لاء به بک هڙتال ڪئي هجي لاهور ۾، انار ڪلي ۾ يا بادشاهي مسجد جي اڳيان تہ ون يونٽ ٽوڙيو سنڌين سان ظلم پيا ٿين. هڪڙي به پنجابي انڪار ڪيو هجي تہ آئون سنڌ جي ڪارخانن ۾ ڪونہ ويندس ڇو تہ اتي جي سنڌي مزدور جي حق تلفي ٿيندي. هڪڙي به پنجابي هاري سنڌ جي زمين تي سنڌي هاري جي حق ۾ سنڌ جي زمين تي هر ڪاهن ڪان انڪار ڪيو هجيس تہ اهو سنڌي هاري جو حق آهي؟ معنيٰ تہ ون يونٽ واري پوري دؤر ۾ پنجابي مزدور ۽ هاوي، پنجابي دانشور ۽ سماڻدانن پنهنجو تاريخي فرض ادا ڪرڻ ۾ ڪٽو آهي.

نعپ ۾ جڪي ڏورا ڪهڻا پنجابي هٿا سي به مٿين من سان ڀالهيون ڪندا هٿا پر نعپ ڪي ڪوبہ واضح موقف اختيار ڪرڻ ڪان روڪيندا هٿا. معنيٰ تہ نعپ ۾ به وڏي ڪوشش ڪانپوء به ميان افتخارالدين

وارن زونل فيڊريشن واري رٿا رکڻ ۾ ڪامياب ٿيا تہ زونل فيڊريشن هجي باقي ون يونٽ ٽوڙيو صفا ڏاڙهو سا گاله نہ ۽ نعپ جي اهڙين گالهين جي ڪري، اهڙين پاليسين جي ڪري سائين جي- ايم سيد نعپ کي چڙي آهو. يعني تہ اها هڻي حالت اتي جي سماستدانن جي، ترقي پسندن جي، ون‌يونٽ جي پوري دؤر ۾ اتي جي سماستدان ۽ دانشور اتي جي مزدور، هاري جنهن تي اهو تاريخي فرض عائد ٿيو ٿي تہ مظلوم ماڻهو جي مظلوم قوم جي حمايت ڪرڻ، ان ۾ هنن (پنجابين) تاريخي طرح پنهنجي فرض ادا ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي آهي. ان کالپوه ون يونٽ کانپوه بنگال تي فوجي قدم کنيو ويو، ۳۰ لک بنگالي قتل ڪيا ويا، ايائي لکــ عورتن جــون عصمت دريون ڪيون ويون، ايائي‌لک‌بنگال جون ڪنواريون ڪنهائون هنن جي بدمعاشي جي ڪري پيٽ ساڻ ٿــي ويون. پر پنجاب سان ڪنهن به مزدور، ڪنهن به هاري، ڪنهن به دانشور ڪوبہ احتجاج نہ ڪيو، سواه هڪ اديب عبدالله ملڪ جي ڪنهن به احتجاج نہ ڪيو. انهيءَ کي به جيل ۾ موڪليو ويو ۽ جڏن ڏينهن‌کان يوءِ معافي وڻي باهر نڪتو. ويندي فيض احمد فيض جهڙي ماڻهو به بنگال ۾ فوجي قــدم کــي ساراهيو يحيي خان جي حمايت ڪــئي ۽ (فيض احمد فيض)

تي جڏهن گهٽو پنجابين ۽ ڪراچي جي پناهگيرن حو پريشر (دباءُ) پيو تہ ان وقت ہر هن اهو پڻي چيو تہ گهٽو ماڻهن جو زور پيو تہ آڏون لهڻ پرائز واپس ڪندس (جيڪو هن کي سوبت يونين ادبي خدمتن حي عيوض ڏنو هو) ۽ سچو پنجاب دهل وڄائيندو رهيو ۽ پنگڙا ناچ نچندو رهيو تہ ڏاڍو سٺو پيو ٿئي اسلام جي خدمت پڻي ٿئي. بلوچستان تي ہ فوجي ڪارواين ٿيون. انهن ٻنهي فوجي ڪارواين ہر پنجابي هاري، پنجابي مزدور، پنجابي دانشور، پنجابي سياستدان ۽ پنجاب حو ماڻهو (عام) خاموش رهيو. هن ڪوبه ست نہ ڏنو. عطاءالله مينگل هينئر ڏاڍي سڻي ڳالهہ ڪئي آهي. هن ڳالهہ ڪئي آهي تہ اسان تي ٣٦ سالن ہر چون ٿا تہ ظلم صرف هڪڙو ٽولو ٿو ڪري حڪمران ٿو ڪري پنجابي حڪمران ٽولو ٿو ڪري. هو (مينگل) چوي ٿو تہ ٺهڪ آهي اسان تي ٣٦ سالن ہر حڪمران ٽولي ظلم ڪيا آهن. پنجاب جو عوام انهن ٣٦ سالن ہر ڪيڏانهن ويو هو. پاڻي اوهين چئو ٿا تہ پنجاب جو عوام معصوم آهي. تہ بلوچستان جو عوام تہ اسان سان گڏ وڙهي پيو پر انهيءَ فوجي ٽولي جي بيورو ڪريٽ آفيسر شاهي جي ظلم جي وقت پنجاب جو عوام ڪيڏانهن ويو هو. پر توهان چوندا تہ پنجاب جو عوام بي خبر آهي. سردار صاحب چيو تہ آڏون

لئو سمجهان تہ پنجاب جو عوام بي خبر هجي ۽ بي شعور آهي يا اڻ سمجهه آهي. جيڪڏهن بي سمجهه آهي، اڻ سمجهه آهي، بي شعور آهي تہ اهڙن حاهلن کي اسان تي حڪومت ڪرڻ جو ڪوبہ حق ڪونهي جيڪي اسان جي احساسن کي نٿا سمجهي سگهن.

تہ انهيءَ ۳۶ سالن جي تاريخي عرصي ۾ پنجاب جي هاري ۽ مزدور، پنجاب جو دانشور، پنجاب جو ماڻهو پنهنجو فرض ادا ڪرڻ ۾ گٹو آهي. انهيءَ وچ ۾ ڪوششون گهٽيون ٿيون آهن. غفار خان ۽ ڪوششن کيون تہ گڏجون نعپ ٿهي. سائين جي ايم سيد ڪوششون ڪيون، شيخ مجيب الرحمان ڪوششون ڪيون ۽ شيخ عبدالمجيد حهڙن ماڻهن ڪوششون ڪيون، ڈاڪٽر خانصاحب وارا بہ ان ڪوشش ۾ لڳا رهيا. ۽ اهي بہ پنجابي مزاج کي نہ بدلائي سگهيا. ۽ هاڻي مونکي خبر ناهي تہ رسول بخش پليجي وٽ کهڙي جادو جي ڇڙي يا علاؤالدين جو چراغ آهي جيڪو پنجابين کي هڪ رات ۾ تبديل ڪري چڏيندو ۽ پنجابي ڪلهه جا غدار ۽ ڪلهه جا قاتل ۽ اڄ مسيحا بنجي اچي اسان جي ڏٹن جي ملهم پٽي ڪندا.

جوش ملیح آبادي تمام گهٹو اڳ هڪ شعر ۾ چيو هٹائين جڏهن بي عالمي جنگ پئي هلي. ان وقت انگريزن چيو هو تہ اسين حضرت عيسيٰ جا

پوئلگ آهيون ۽ عيسيٰ امن جو پيغمبر هو. پر جوش ملیح آبادي هڪ شعر چيو هو الهيءَ شعر جو ترجمو اهو هو ته "تون عيسيٰ جو پيروڪار، عيسيٰ جو پوئلگ اهو ته ڪوڙو ٿي ڪونه ٿو لڳي چو ته عيسيٰ ڪڏهن ڪنهن کي چمات ڏي ڪاڻ هٿي هئي. پر تنهنجي ڪارائن مان ته انسان جو خون پيو وهي". پوءِ ڏڏهن چيو هٽائين ته توهان کالهه تائين ته يزيد ۽ شمر وارو ڪردار پئي ادا ڪيو ۽ اڄ وري توهان حسين بنجي آيا آهيو. پاڻ کي مظلوم ظاهر ڪري انسانن جون همدرديون ٿا حاصل ڪريو.

ساڳي طريقي سان پنجابي کلهه تائين ته اسان جو رت پيئندا رهيا آهن. سيائي مسٽر پاويجي جو انڊا اونڌا ويڄ ڪتاب پڙهي اچي اسان جا مسيحا بنجي ويندا. اهڙو ته ڪو اثر اڏس پنڌرهن ويهن سالن ۾ هڪ بن ضلعن کان اڳتي نه وڌي سگهيو آهي ۽ رهيل عمر ۾ ٽن چئن سالن ۾ هو پنجاب جي ست ڪروڙ عوام کي تبديل ڪري ڇڏيندو ۽ اهي اڇي اسانکي آزادي وٺي ڏيندا. اهي سڀ بيڪار قسم جون ڳالهيون آهن جيڪي مالهو اهڙيون ڳالهيون ڪن ٿا. جيڪڏهن اسان انهن جي باري ۾ تمام گهڻو حوصلو بلند رکون تڏهن انهن جي لاءِ اهو چئي سگهون ٿا ته اهي احمق، بيوقوف جي جنت ۾ رهن ٿا ۽ ڏينهن ڏٺي جا خواب ڏسن ٿا ۽

ڏينهن ڏني جا خواب جاڳندي جا خواب ڏسڻ وا
ماڻهو آهي نه پنهنجو پلو ڪري سگهندا آهن ۽
پنهنجي قوم جون قسمتون بدلائي سگهندا آهن ۽ اه
صرف وهمن ۽ خوابن ۾ هلي هلي آقائن جي خدمت
۾ پنهنجون زندگيون پوريون ڪري ڇڏيندا آهن
انهيءَ طريقي سان اسانجا دوست (ايم- آر- ڊي وار
پنجابين جي حڪمراني ۽ پنجابين جي بالادستي ک
قائم رکڻ جون ڪوششون ڪن ٿا ۽ اسين سنڌ ج
ماڻهن کي، سنڌ جي نوجوانن کي، سنڌ جي مردن کي
سنڌ جي عورتن کي، سنڌ جي ٻڍن ۽ ڏيئن کي، سنڌ جي ساڃاڻ
۽ سڀرن ماڻهن کي، سنڌ جي ڀارڙن ۽ ٻين کي اپيل
ٿا ڪيون ته ان مسئلي تي سوچيو، سمجهه ۽ شعو
پيدا ڪريو، ته جيئن خوبصورت لفظن ۾ وڻن وڏ
حوالن سان اهي جهڪي به شيون پيش ڪن ٿا ،-
حقيقت ۾ هارناهن پر اهو سورن جو سڳوآهي ۽ اه
هار هي روپ ۾ توهان جي ڳچيءَ ۾ سورن جو سڳ
وجهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، انهن کان هوشيار
خبردار رهو.

بي گهاڻه اهي ئي پنجابين جا دلال، اهي ئي
پنجابين جا چاڪر، اهي ئي پنجابين جا خدمتگار
اهي ئي پنجابين جي دوَر حڪمراني ۾ لذت جا انبا

لڪيندڙ ماڻهو، سي وري سنڌ جي ماڻهن جا محبتي سنڌ جي ماڻهن جا خير خواه ٿي ظاهر ٿيا آهن. ان سلسلي ۾ ميان مسعود نوراني کي به رسالو آر ڪ پٽڻ جي ايڊيٽري وارو رسالو ملي ويو آهي، معلوم راڻي جان پٽي جو پراڻو رسالو نئون نياپو ملي وڃه آهي. اهو مڙس اچي باهوڙيو سائين جي ايم سيد تي ته جي ايم سيد ٻيان ڏڻي نوائي وقت کي، انٽرويو ڏيڻي سنڌ جي ماڻهن جي رٽ جي توهين ڪئي آهي، سنڌ جي ماڻهن جي ڏٽن تي لوڙ ٻرڪيو آهي. مسئلو آهي ته جي ايم سيد سنڌي ماڻهن جي ڏٽن تي لوڙ ٻرڪيو آهي ته. اها خبر مسعود نوراني کي ڪيئن پئي. مسعود نوراني ته ڪراچي ۾ رهندو آهي. نئون نياپو اتان ٿوڪيي، مسعود نوراني اتي پهنجي آفيس ۾ رهندو آهي. اوهان سنڌي ماڻهن کان پڇي ته اوهان سنڌي ماڻهن لاءِ اهو ٻيان ڪيئن ثابت ٿيو آهي. حقيقت ۾ انهيءَ ٻيان سنڌي ماڻهن جي ڏٽن تي لوڙ ناهي ٻرڪيو، ۾ اهي خود اقتدار کان محروم ٿيل پوليٽڪ سيڪريٽري شپ جي عهدي کان محروم ٿيل جي تمنائن تي (جي ايم سيد جي ٻيان) پاڻي هاريو آهي. سنڌي ماڻهن جي ته جي ايم سيد رهنمائي ڪئي آهي. ٻيو ڇيو اٿس ته جي ايم سيد ٻيان ڏيڻي سنڌي عوام جي رٽ جي توهين ڪئي آهي. سنڌي عوام جي

رت جي توهين جي-ايم سيد کانئ ڪئي آهي. سنڌي عوام جي رت جي توهين انهن ۷۳ جي آئين جي عاشقن ڪئي آهي. جن پهرين سنڌي ماڻهن کي رستن تي آندو. جن سنڌي ماڻهن کي پهرين اڌاريو ۽ ان کانپوءِ جڏهن سنڌي ماڻهن جو رت وهي چڪو هو، سنڌي عورتون ٻيواهه بنجي وهون، سنڌي ٻار يتيم بنجي ويا ۽ سنڌي ماڻهن جي سينن کي گولين پروڙ بنايو. ان وقت ۾ هو (ايم آر ڊي وارا) گوڏ چوڙ ڏيهي رهيا ڪتو چوڙي ڏيهي رهيا ۽ سنڌي ماڻهن کي اپيلون ڪرڻ لڳا ته هاڻي ماڻ ڪريو، هاڻي خاموش ٿيو، هاڻي امن قائم ڪريو. معني ته سنڌي ماڻهن جي قتل ٿيڻ کان اڳ ۾ ته هنن سنڌي ماڻهن کي اها اپيل ڪانه ڪئي ته توهان امن قائم ڪريو ۽ جڏهن سنڌي ماڻهو قتل ٿيا، هنن جو رت وهيو ۽ انهيءَ رت جي عيوض سنڌي ماڻهن کي ڪابه شيءِ ڪونه ملي ۽ هو (ايم آر ڊي وارا) حاڪمن سان ڌاهه ڪري آمريڪي سامراج جي اشاري تي اپيلون ڪرڻ لڳا ته سنڌي ماڻهو هاڻي امن قائم ڪريو، هاڻي اليڪشن جي لاءِ ماحول سازگار پيدا ڪريو معني ته هاڻي آمريڪي سرڪار چيو آهي ته هاڻي وڌيڪ طاقت جو استعمال نه ڪريو.

حقيقت ۾ جن ماڻهن سنڌي ماڻهن جو رت وهايو، امن جون اپيلون ڪيون. جي-ايم سيد هڪڙي

هن لاءِ سنڌي ماڻهن کي، جيتوڻيڪ چوي ته
ايم آر ڊي جي تحريڪ غلط، جو- ايم سيد چوي ٿو
۽ ۷۳ جو آئين غلط، جو-ايم سيد چوي ته پاڪستان
بچاءُ تحريڪ غلط، پر جو- ايم سيد کان ڏهن ٻ
بي بي سي تي، يا آل انڊيا ريڊيو تي، يا ڪنهن اخبار
ڪي اهو انٽرويو ڏيئي، ان جي ذريعي اها اپيل ڪائه
ڪئي ته توهان سنڌي ماڻهو سڪ ڪري ويهي رهو،
يا سنڌي ماڻهو امن ڪريو، يا سنڌي ماڻهو ته هان
حق چڏي ويهي رهو. پر جي- ايم سيد چيو ته توهان
جدوجهد جاري رکو، ان جو رخ تبديل ڪريو، وڙهو
پر رخ تبديل ڪريو، سنڌي ماڻهن جي رت ڪي سائين
جي- ايم سيد نئين موڙ ڏيڻ ٿي چاهيو. ان ۾ نئون
گل گونچ پيدا ڪرڻ ٿي چاهيا، ان ۾ نئين خوشبو
ٿي پيدا ڪرڻ چاهي ته اهو رت آزاديءَ لاءِ وهڪرو
جاري رکي ۽ سنڌي ماڻهن جي رت جي توهين انهن
ماڻهن ڪئي آهي. پنجاب جي دلن قاتل فوجين جي
بوٽن تان سنڌي ماڻهن جو معصوم ۽ مقدس رت اڃا
سڪو ئي ڪونه هو ته ايم آر ڊي جا ليڈر اهي ۷۳ ۾
جي آئين جا ڪوڙا عاشق هڪدم اعلان ڪري ويهي
رهيا ته سنڌي ماڻهو امن قائم ڪريو، الیڪشن لاءِ
ماحول سازگار ڪريو ته جيئن هاڻي ميجر ظهير جي
بجاءِ چوڌري چراغ الدين اچي ۽ اسين ان جي سلامي

لاءِ تيار آهيون ۽ اهي سپاڻي انهن جـي سلامي لاءِ تيار ٿي ويندا.

ان وقت ۾ سنڌي ماڻهن کي جي-ايم سيد جي بيان جي روشنيءَ ۾ پڇڻ گهرجي ته اسانجي رت جي توهين ٽوهان ڪٿي آهي يا جي- ايم سيد؟ اڄ انهن قاتلن سان ٽوهان هٿ ملايو ويٺا آهيو يا نه؟ اهـي سنڌي ماڻهو جي قتل ٿيا، جن جي گهرن ۾ روڄ ۽ راڙا هئا، انهن کـي چا وٺي ڏنو آهـي ايم آر ڊي ليبرز؟ جيڪي ان بنگلن جي جهروڪن مـان ماڻهن کي ديدار ٿا ڪرائين ۽ جيڪي اڄ بنگلن جي نظربندي مان نڪري پنهنجين بيگمن جي ڪچن ۾ اچي سڪ آهن ۽ پنهين جو سير سپاٽو ٿا ڪن پيا، رودن ۽ رسٽز تي ڪارون هلائين پيا. مونکي ٻڌايو ته انهن پنهل حان چاڊيي جي گوٽ جي شهيدن لاه چا ڏنو آهي. انهن لاکات جي برباد ٿيل گـهرن ۽ بيواهن عورتن جي سينڊ ۾ کڻي آزادي ۽ کڻي سهاڳ جو سينڊور وڏو آهي. جيڪي اڄ نڪري آيا آهن، قوهين ته انهن ڪٿي آهي جن سنڌي ماڻهن کي اپاريو، اڌاريو، قيملن جا قبيلا وٺي آيا، پنهنجا هـاري ۽ ناري وٺـي آيا، پنهنجن دوستن ۽ احبابن جا ماڻهو وٺي آيا، انهن کي اپيلون ڪيون ۽ جڏهن سنڌي ماڻهن جا آبدا، رستن تي قرآن پڙهندي انهن جا آبدا ۽ اوجاڙيون فوجي

بوڻن ۾ وڃڻيون پيون هيون انهن سان الجهيون پيون هيون، ان وقت ۾ هو سڀ کي ويهي رهيا ۽ تحريڪ بند ڪرڻ جو اعلان ڪيائون. حقيقت ۾ سنڌي ماڻهن جي رت جي توهين ۽ بيعزتي انهن ماڻهن ڪئي آهي. سنڌي ماڻهن جي سينن ۽ زخمن تي هنن اهڙي قسم جو لوڻ برڪيو آهي جيڪو سنڌي ماڻهو انهن جي گريبان ۾ هٿ وجهي سڄي سنڌ ان تي، رستن تي جڏهن هنن (سنڌين) جي بيزار جو رت وهيو آهي انهيءَ جاءِ تي انهن ۽ انهن جي آقائن جو رت نه وهائيندو تيستائين انهن ماڻهـــن جا قدم چڱي نه سگهندا ۽ سنڌي ماڻهن جي رت جي بيعزتي جو بدلو تيستائين ڏي نه سگهندو. ان ڪري مسعود نوراني ۽ ان جي پارٽي بدن ڪي اهو سوچ گهرجي ته اسين (نوراني وارا) شيشمن جي گهرن ۾ ويهي پهن تي پٿر ڏا اڇلايون ۽ ايئن ڏا سمجهون ته ماڻهو بيوقوف آهن، ماڻهو احمق، اسانجي نگهين کي ڪونه ڏا سمجهن.

اسان سنڌ ۾ هلون ڏا پيا سنڌ ۾ گهمون ڏا پيا ڪٿي به جنهن به ماڻهو ۾ شعور آهي اهو ان طريقي سان ڪونه ڏو سوچي، جهڙي طريقي سان سابق پوليٽيڪل (سياسي) ليڊرشپ سوچي ڏي. سنڌ جي سابق وڏيرا اعليٰ جو پوليٽيڪل (سياسي) ليڊرشپ سوچي وڏ هن کي اهو آسرو هو ته اسان کي ڪجهه ملندو پر اهو ملي نه سگهيو ان ڪري جي پيا آهن

۽ ڏوهه ٿيو سڄو جي-ايم سيد جو ته اسان کي وزارت
وٺڻ کونه ڏنائون.

ان سوال جي سڄي سلسلي جي آخر ۾ آئون
سنڌ جي ماڻهن کان اهو پڇڻ چاهيان ٿو ۽ هنن جي
مرضي ۽ تي فيصلو ڇڏڻ ٿو چاهيان ته، هنن
ايم آر ڊي جي ذريعي سنڌي ماڻهن کي روڊن
۽ رستن تي آندو ۽ قتل ڪرايو ۽ ايم آر ڊي سڄي
آمريڪا جي اشاري تي ائي هئي ۽ سڄي دنيا ۾ آمريڪا
جي اشاري تي ٿي ۽ آمريڪا سامراج سڄي دنيا ۾ اڄ
سامراج جي واحد علامت آهي. جنهن تي سموري دنيا
جو آزادي پسند، سامراج دشمن ۽ ترقي پسند ماڻهو
لعنت ڪري ٿو ۽ ان کان نفرت ٿو ڪري ۽ هاڻي
جڏهن سنڌي ماڻهن کي آمريڪا جي جهولي ۾
اڇلائيندا سين، آمريڪا جي چوٽ تي اڻاويندا سين ان
وقت ۾ اسان ايئن محسوس ڪريون، ايئن سمجهون
ته ان وقت اهو ٿيندو ته اسان سنڌي قوم کي سموري
دنيا جي سامراج دشمن، ترقي پسند، محب وطن ماڻهن
کان ڪٽي ڇڏيو، ڏار ڪري صرف آمريڪا جي
جهولي ۾ اڇلائي ڇڏيو، معنيٰ ڪٽ وارو عمل انهن
جي چاڙڻن کيو، جن سنڌي قوم کي آمريڪا جي
جهولي ۾ اڇلائڻ جي ڪوشش ڪئي.

اسان (جيئي سنڌ وارن) ته آمريڪا سامراج ۽
ان جي پلونگڙي پنجاب کان سنڌي ماڻهن کي ڏار

ڪرڻ ۽ جموري دنيا جي سامراج دشمن، ترقي پسند ۽ مظلوم ماڻهن سان ملائڻ ٿا چاهيون ۽ انهن جون همدردين حاصل ڪرڻ ٿي چاهيون ۽ اهي همدردين حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ٿا ڪريون.

ان صورت ۾ هڏي سڌ جو ماڻهو پاڻ فيصلو ڪري ته سنڌي قوم کي اڪيلو مارائڻ وارا اهي ايم آر ڊي وارا ۽ ان جا دلال آهن يا اسان؟

پاڪستان ۽ دنيا ڪان حقيقي واري قسم جا نعرا هڻندڙ ٻيا آهن برعڪس ۾ لکندڙ، ٻوساڻن ۾ فرقو چوائيندڙ يا نوان نعرا ڪڍندڙ يا ڪنهن قسم جون چوڙيون وڙهائيندڙ اهي حقيقت ۾ هن ويهين صدي ۾ سنڌي قوم کي آزادي پسند، حريت پسند قومن کان ڪٽي آمريڪا جي جهولي ۾ اڇلائي اهي آل پاڪستاني سنڌي قوم کي مارائڻ چاهين ٿا. اڪيلو ڪري مارائڻ چاهين ٿا.

آمريڪا جي هنج ۾ جيڪو ڪريو اهو سوويت يونين جي همدردين کان محروم ٿيو، آمريڪا جي هنج ۾ جيڪو ڪريو سو ستر ڪروڙ پارٽي عوام جي همدردين کان محروم ٿيو، آمريڪا جي هنج ۾ جيڪو ڪريو سو ويٽنام جي عوام جي همدردين کان محروم ٿيو، آمريڪا جي هنج ۾ جيڪو ڪريو سو بنگلاديش جي عوام جي همدردين کان محروم ٿيو، آڻون بنگلاديش

۽ ڏوهه ٿيو سڄو جي-ايم سيد جو ته اسان کي وزارت
ونڻ کونه ڏنائون.

ان سوال جي سڄي سلسلي جي آخر ۾ آئون
سنڌ جي ماڻهن کان اهو پڇڻ چاهيان ٿو ۽ هنن جي
مرضي تي فيصلو چڏڻ ٿو چاهيان ته هنن
ايم آر ڊي جي ذريعي سنڌي ماڻهن کي روڊن
۽ رستن تي آندو ۽ قتل ڪرايو ۽ ايم آر ڊي سڄي
آمريڪا جي اشاري تي ائي هئي ۽ سڄ به آمريڪا
جي اشاري تي ٿي ۽ آمريڪا سامراج سڄي دنيا ۾ اڄ
سامراج جي واحد علامت آهي. جنهن تي سموري دنيا
جو آزادي پسند، سامراج دشمن ۽ ترقي پسند ماڻهو
لعنت ڪري ٿو ۽ ان کان نفرت تو ڪري ۽ هاڻي
جڏهن سنڌي ماڻهن کي آمريڪا جي جهولي ۾
اچلائيندا هن، آمريڪا جي چوڻ تي اڏاويندا هن ان
وقت ۾ اسان ائين محسوس ڪريون، ائين سمجهون
ته ان وقت اهو ٿيندو ته اسان سنڌي قوم کي سموري
دنيا جي سامراج دشمن، ترقي پسند، محب وطن ماڻهن
کان ڪٽي چڏيو، ڌار ڪري صرف آمريڪا جي
جهولي ۾ اچلائي چڏيو، معنيٰ ڪٽ وارو عمل انهن
جي چاڙڻن کيو، جن سنڌي قوم کي آمريڪا جي
جهولي ۾ اچلائڻ جي ڪوشش ڪئي.

اسان (جيئي سنڌ وارن) ته آمريڪا سامراج ۽
ان جي پلوڻگڙي پنجاب کان سنڌي ماڻهن کي ڌار

جي حڪومت لٽو پيو چوان بنگلاديش جي عوام جي همدردين کان محروم ٿيو، آمريڪا جي هنج ۾ جيڪو ڪريو سو ايران جي عوام جي همدردين کان محروم ٿيو، آمريڪا جي هنج ۾ جيڪو ڪريو سو شام جي عوام جي همدردين کان محروم ٿيو، آمريڪا جي هنج ۾ جيڪو ڪريو سو افغانستان جي عوام جي همدردين کان محروم ٿيو آمريڪا جي هنج ۾ جيڪو ڪريو سو ڪيوبا جي عوام جي همدردين کان محروم ٿيو، آمريڪا جي هنج ۾ جيڪو ڪريو سو ليبيا جي عوام جي همدردين کان محروم ٿيو، آمريڪا جي هنج ۾ جيڪو ڪريو سو رومانيا، بلغاريه، يوگو سلاويه، چيڪو سلاويه جي عوام جي همدردين کان محروم ٿيو، معني آمريڪا جي هنج ۾ ڪيرائي سموري دنيا جي آزادي پسند، سامراج دشمن ماڻهن کان سنڌي ماڻهن کي ڪٿين هي (هي ايم آر ڊي وارا) ٿا نه، ڪي اسين ان ڪري هي (ايم آر ڊي وارا) سنڌي ماڻهن کي اڪيلو ڪري مارائڻ وارا آهن.

ختم

پڑھندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ "لُڙھندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ جٽيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙھندَڙ، ڪَڙھندڙ، ڪُڙھندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، پاڙي، ڪائُو، پاڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگھجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان "**پڑھندڙ**" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑھندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجھَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑھندڙ نسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيکڏهن کو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَـکَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيکڏهن کو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَـکَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وٽن جا پَـنَ ساوا، ڳاڙهـا، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڑھندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَـنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سي ڪَـم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَـٻِئي جي مدد ڪَـرڻ جي اُصولَ هيٺ ڈي وَڻُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَـنَـن پاران ڪتابن کي دِجِيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي دِجِيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيکڏهن کو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَـنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پڑھندڙ نَسُل . پ ن The Reading Generation

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي تي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليگڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڇاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نه مجن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڇاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہ ڇڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي تي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڇڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہ ڇڻ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،
جيڪي به ڪٽين، جيڪي به ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ به بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته "هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڑھڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. **پَنَ** نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين تا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن تا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون پاکيِ پائي چيو تہ "منهنجا پاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
ـ ايار (ڪلهي پاتم ڪينرو)